Physical Education, Health and Social Sciences

https://journal-of-social-education.org E-ISSN: 2958-5996

P-ISSN: 2958-5988

Mystical Thought, Symbolic Expression, and Unity of Being in Budhal Faqeer's Poetry

Dr. Sikandar Ahmed Panhyar[1], Dr. Amir Ali Shah[2]

[1] Lecturer Sindhi, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

[2] Associate Professor, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah

DOI: https://doi.org/10.63163/jpehss.v3i2.819

Abstract

Sindh has long been known as the land of Sufis, dervishes, and faqirs, where the philosophy of faqr emphasizes purifying the self and cultivating virtuous action. The region is rich with shrines and spiritual centers that have guided seekers of truth for generations. Among its eminent mystics, Budhal Faqir, born in 1865 near Shikarpur, stands out as a master of Sufi thought and practice. From an early age, he displayed a natural inclination toward the spiritual path, with a detached lifestyle and mystical temperament.

He became a disciple of Pir Pagari Mian Hizbullah and adopted the Qadri Sufi order, showing no distinction of caste or religion. Beginning his poetry at fifteen, Budhal Faqir composed verses in moments of ecstasy, often while tending livestock or wandering in nature. He organized musical recitations at his shrine and mentored other Sufi singers, blending devotion with artistic expression.

His poetry emphasizes universal love, the unity of existence, and spiritual ascent through fana (annihilation) and baqa (subsistence). Using simple language, allegorical characters, and local narratives, he conveyed mystical truths, divine love, self-purification, and union with God. His 178 published kafis reflect devotion, moral guidance, and spiritual insight, securing his place as a central figure in Sindhi Sufi literary heritage.

Budhal Faqeer's poetry delves into the profound concepts of Wahdat al-Wujud and Divine Love, exploring how these spiritual and ethical themes are expressed through his kafis. This study examines the artistic qualities and technical limitations of his poetry, focusing on how mystical concepts, prominent spiritual symbols, and allegorical elements are conveyed, while evaluating his contribution to Sindhi Sufi literary tradition. Using qualitative methods, the research analyzes the content and text of available kafis, compares Sufi doctrines, and reviews manuscripts, published collections, and historical references to highlight his poetic and spiritual significance. The findings establish Budhal Faqeer as a distinguished Sufi poet whose kafis embody fana, baqa, spiritual gnosis, and Divine Love. He conveys these concepts through allegorical characters, mystical metaphors, and symbolic motifs such as the alif, separation, and the Light of Truth. His poetry blends simplicity, classical tone, and mystical resonance, preserving the legacy of Sindhi Sufi literature. Keywords**:**Sufism, Wahdat al-Wujud, Divine Love, Kafis, Fana, Baqa, Symbol of Alif, Allegory.

بيدل فقير جي شاعريءَ ۾ صوفيانہ فڪر، علامتي اظهار، ۽ وحدت الوجود

الله تعالي هن جهان ۾ فقط انسان کي علم، حڪمت ۽ دانائي عطا ڪري سموري مخلوقات کان اتم ۽ اعليٰ بنائي ڇڏيو آهي. جيڪو سيني احسانن کان وڏي ۾ وڏو احسان چئبو. اهڙي طرح الله تعالي کي سجاڻڻ جو شرف ب فقط انسان کي حاصل ٿيو آهي." (1) اها سجاڻ بنا علم جي نٽي ٽئي ۽ هن سجاڻپ واري علم جو لاڳاپو باطن سان آهي.باطن جي علم جي هڪ الڳ وادي آهي،جنهن جا رستا عام رستن کان بنهہ مختلف ۽ منفرد آهن. حضرت امام غزالي فرمائين ٿا ت "علم جي وادي جيتوڻڪ ڏاڍي ڏکي وادي آهي، پر ان کان سواءِ منزلِ مقصود تائين پهچڻ ناممڪن آهي جيتوڻيڪ هن جو نفعو ب تمام گهڻ آهي، پر اهو لڪ لنگهن ب ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ۾ ور وڪڙ خطرا آهن. ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا، جن علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر گمراهہ ٿي ويا. ڪيترائي اهڙا هئا، جن علم جو رستو ورتو، پر اڳتي هلي رستو پلجي ويا. هن علمي شاهراهہ تي هلندڙ ڪيترائي ماڻهو حيرانيءَ جو شڪار ٿي ويا ۽ هزارين هلندي هلندي ڪمزور ٿي ويا. ڪيترائي اهڙا هئا، جيڪي هن وادي کي پار ڪرڻ لاءِ پنڌيان پيا، ت ٿورڙي ئي وقت ۾ الله تعالىٰ جي مدد سان منزلِ مقصود تائين پهچي ويا. ۽ ڪي وري اهڙا آهن، جيڪي سالن کان هن سخت راهہ ۾ مشغول آهن." (2) شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري فرمائي ٿو ت " ماڻهو جا ب اصول آهن: هڪ بدن، بيو دل. بدن دين اسلام جو ظاهري رستو آهي جنهن کي شريعت چون ٿا. ان جي مسافت علم تي مشغول رهڻ سان طئي ڪري سگهجي ٿي. ۽ دل عرفان، خدا تعاليٰ جي قرب جو ذريعو آهي جنهن کي طريقت چون ٿا، جنهن جو سلوڪ خدا تعاليٰ جي ذڪر تي مشغول رهن سان طئي ڪري سگهجي ٿو. انهن ئي رستن تي هلي سالڪ کي جيڪي حقيقتون يا باري تعاليٰ جا اسرار معلوم ٿين ٿا، ان جو نالو حقيقت آهي."(3) ۽ حقيقت تي پهچڻ لاءِ ڪشالا ڪيڏا پون ٿا .حقيقت اهڙي منزل آهي جتي سالڪ کي روحاني بصيرت حاصل ٿئي ٿي.ڪثرت ۾ وحدت جي تجلي پَسڻ سان ڪائنات جي وحدت ،پنهنجي وجود جي فنا ٿيڻ ۽ رب جي بقا جو مشاهدو ماڻي ٿو. پروفيسر يوسف سليم چشتي لکي ٿو ت "حقيقت سان رابطو فقط براهہ راست مشاهدي جي ڪري ئي قائم ٿي سگهي ٿو ،چاڪاڻ ت حقيقت فقط هڪ مابعد الطبعي تصور نہ آهي بلڪ هڪ روحاني وجود آهي."(4) ان وجود جي حقيقت کي فقير ئي سمجهن ٿا.

سنڌ صوفين،درويشن ۽ فقيرن جي سرزمين آهي ۽ هن مٽي جو بنيادي فڪر ئي فَقر آهي جيڪو اندر مان منفي تصور ۽ خيال کي ختم ڪري مثبت عمل ڪرڻ واري صفات پيدا ڪري ٿو. سنڌ جي سرزمين جو ڪو ب اهڙو حصو يا پاسو ناهي جتي صوفين درويشن جا آستان نہ هجن. اهي آستانہ هن ماتر پومي جا مڪتب رهيا آهن جتي تربيت جو سلسلو هلندو رهيو آهي.جنهن درويش جيترا سلوڪ جا ڏاڪا پار ڪيا، هن کي ان استعداد مطابق منزل نصيب ٿئي ٿي ۽ تصوف جي آخري منزل يا ڏاڪو بقا بالله جو آهي. بيدل فقير جو شمار انهن سالڪ فقيرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي بقا جي مقام تي رسيا ۽ حق جي حقاني صورت جو درشن ڪيو.

بيدل فقير ولد عبدالواسع جو جنم 1865ع ڏاري ٿيو سندس ڳوٺ شڪارپور ضلعي ۾ سلطان ڪوٽ اسٽيشن کان ڇهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي چوئي شاخ جي ساڄي ڪپ تي ٽ پليءَ جي ويجهو آهي.انن ورهين جو ٿيو ت مائٽن کي ڳٽتي ويڑهي وئي، چو ت اکري علم جي نہ پاسي ويو ۽ نہ ئي ظاهري علم جي گهيڙ ۾ڳهڙيو. جنسي مستانو، واٽن تي وهي ۽ جهنگن ۾ جالي، نہ ڪنهن سان بولي نہ چالي، رنگ ڍنگ نرالو ۽ هلت چلت علحدي بنهہ بانولي ۽ مستن واري هوندي هئي.ان ڪري ماڻهو کيس ڏاوڻ (ڪاپڙو) چوندا هئس".(5) ننڍ پڻ کان ئي فقيراڻي طبعيت جو مالڪ هو.

ٻيل فقير، پير پاڳاري ميان حزب الله جوطالب ٿيو، ۽ قادري سلسلو اختيار ڪيائين. وٽس ذات پات ۽ مذهبي متيپيد جو ڪو فرق نہ هو، سيني کي هڪ نگاھ سان ڏسندا هئا. هندو توڙي مسلمان معتقدن لاءِ آستاني تي مسافر خانو اڏايو هئائين. سندس رهڻي ڪهڻي ۽ ڪاڏو بلڪل سادو هوندو هو. نڪا شيخي نہ مشائخي نڪا ظاهري پِيري نہ بزرگي ۽ نہ ڪو وري ناڻ، جو در لڙي آيو سو سوالي خالي نہ موٽندو هو. جهڙو صورت ۾ صبحاني هو تہ تهڙو وري سيرت ۾ نوراني هو. "مرشد جي حڪم تي 27 سالن جي عمر ۾ شادي ڪيائين. ڪيس ٽي پُٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. گهڻو وقت تنها ۽ فنا واري ڪيفيت هيٺ گذاريندو هو. وچين فرزند مست مقيم جي وفات جو اثر دل تي اهڙو گهرو ٿيو جو عمر جو پويون حصو گوشہ نشيني ۾ گذارڻ لڳو. پچاڙيءَ تائين پنهنجي حال ۽ درويشي خيال تي قائم ۽ مستحڪم رهيو. سندس انتقال 27 شعبان 1358هجر مطابق 12 آڪٽوبر 1939ع تي ٿيو".(7)

ٻيل فقير جمندي جام هو. شاعريءَ جو علم ڪيس قدرت طرفان عطا ٿيل هو. پندرهن سالن جي عمر۾ ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. وٽس يڪتارو هر وقت موجود هوندو هو، ۽ مال چارڻ وقت جهنگ ۾ پنهنجي مُنهن پيو ڳائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳائيندي ڳائيندي وجد ۾ اچي ويندو هو.هڪ پيري تہ ڳائيندي مٽس اهڙي ڪيفيت طاري ٿي وئي جو غش ٿي پيو، جو هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪيس ڏني ڏياريا ويا. پاڻ پيرن ۾ چير ٻڌي نچي ڳائيندو هو. جڏهن آستانو آباد ڪيائين تہ راڳ جي سلسلي کي وڌيڪ منظم ڪرڻ لاءِ آستاني تي پنهنجو راڳ جو سُنگ جوڙيائين ۽ راڳي فقيرن جي پاڻ ڪلام جي حوالي سان تربيت ڪيائين. ٻين درگاهن جا راڳي فقير ٻہ وٽس آستاني تي راڳ جي حاضري پرڻ ايندا هئا. پاڻ رندي ڪلام کي گهڻو ٻڌڻ پسند ڪندا هئا.

سنڌ جي صوفين جيڪو آفاقي پيغام پنهنجي ڪلام وسيلي عام تائين پهچايو آهي. ان آفاقي فڪر جا اهجاڻ پڻ ٻيل فقير جي ڪلام ۾ ملن ٿا، جو تہ فڪري حوالي سان هڪ آفاقي شاعر ۾ جيڪي خوبيون هئڻ گهرجن، اهي سندس ڪلام ۾ موجود آهن. سندس شاعريءَ ۾ اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي عام ڪرڻ جو پيغام نمايان نظر اچي ٿو،جيڪي پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي دل تي وجد طاري ڪن ٿيون.

ٻيل فقير جو ڪلام تصوف جي رومانوي رنگ ۾ چيل آهي. سندس ڪافيون سنڌ جي صوفياڻي ڪلام جو وحدت الوجود واري فڪر جو املهہ سرمايو آهن. پنهنجي ڪلام لاءِ لوڪ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي چونڊ ڪيائين ۽ ڪردارن جي تمثيل ۾ تصوف جي نڪتن کي بيان ڪيائين. ٻيل فقير جي ڪلام جو ظاهري روپ سليس آهي، جنهن ۾ ڪلام جو عام يعني رومانوي مفهوم ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ کي آساني سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو پر حقيقت اها آهي تہ ان ۾ جيڪي تصوف جا ڳوڙها نڪتا بيان ٿيل آهن، تنهن کي رڳو اهو ئي سمجهي سگهي ٿو، جنهن وحدت واري عملي وات ۾ مشاهدا ۽ مجاهدا ڪيا هجن يا بزرگن جي صحبت ۾ رهيو هجي.

ٻيل فقير جي چپيل رسالي ۾ 178 ڪافيون ملن ٿيون ۽ اهي ڪافيون تصوف جي مڪتبِ فِڪر جي مختلف رمزن جي چوڌاري ڦرن ٿيون. ان فڪر جي سبب ئي سندس ڪلام ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف مزاحمت ۽ انسان جي پلائي جو پيغام ملي ٿو. سندس ڪلام جي هڪ اها بہ خوبي آهي جو هن وحدت الوجود جي فڪرکي رومانوي ڪردارن ۽ موضوعاتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جيڪي خدا جي عظمت کي سمجهڻ ۽ ڪائنات جي تخليق ٿيڻ جي سبب ۾ رهنمائي ڪن ٿا.

ٻيل فقير کي ننڍپڻ کان ازل سان لونءَ لڳل هئي تنهن ڪري سندس ڪلام جو بنياد ئي عشق حقيقي آهي، ۽ عشق جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهائڻ لاءِ مجازي ڪردار ڪلام ۾ آندا اٿس. جيئن ڪردارن جي عمل وسيلي سالڪ کي

تصوف جا نڪتا سمجهائي سگهجن. ٻيل فقير جي ڪلام ۾ تصوف جا انيڪ نڪتا ملن ٿا جيڪي مختلف موضوعن جي توسط سان ڪلام ۾ آندا ويا آهن،۽ ڪلام ۾ جيڪي موضوع ملن ٿا انهن ۾ پرت جو پيالو پيئڻ، نيٽن جي ناز، ذڪر جي دونهين دڪائڻ، دلبر جي دام، زلفن جي ڏارا، عشق ۾ عاشق جو پاڻ کي جلائڻ، سڪ ۾ سڙڻ، عشق جي اُلٽي بازي، سڪ جي سبق، وصال جي طلب، حق جي منزل پار پوڻ، عشق جي چڙهت ڪرڻ، خودي‌ءَ جا خيال ٽوڙڻ، سينگار گهورڻ، لامڪاني جو سير ڪرڻ، غير وجائڻ، عشق جي آواز، دل جي دريءَ کي کولڻ، وحدت واري وک کٽڻ، حق جي ذات کي سجاڻيندڙ، فاني فڪر ۾ رهڻ، پاڻ وجائڻ، عشق جي اسرارن، محبت واري مام ۾ مخمور رهڻ، برهه جي بار، اکڙين جي اسرار، حرص ڇڏڻ، حبيب جي حُب رکڻ، پرواني جيئان پچڻ، توڪل ڪرڻ، رندن واري رمز ۾ رهڻ، عشق جي ميدان ۾ سِر جو سانگو لاهڻ، ديدن جي دام ۾ ڦاسڻ، عشق خليلي، دل جي درد، سورن ۾ سڙڻ، خيال ۾ ثابت قدم بيهڻ، برهه جي باب، ديدن جي ديوانگي، مام سان مارڻ، عشق جي اُلٽي بازي، برهه جي باهه جا پڙڪا، محبت جي ميدان ۾ ڪنڌ ڪپائڻ، يار جي ديدار جو بيان، جيءُ ۾ جوش جاڳائڻ، عقل وجائڻ، نينهن جي نڪتن، خيال خدائي ۾ رهڻ، عشق جي اٽانگي وات تي هلڻ، اکڙين جو گهائڻ، حُسن جي بازار، قُرب ۾ ڪسجڻ، منصوري مام، دل جي پُڪارن، ننگ ۽ ناموس جو بيان، عشق جي رنگن، شوق جي شعلن، محبت جي مام۾ ان ۾ ديوانو ٿيڻ، عشق جي اولانبن، نينهن جي نچائڻ، نينهن جي نعري، نيٽن جي چوٽ، ذاتي ذوق، نور جي جمال، هاديءَ جي حُسن، عشق جي چاڙهين، ديدن جي دام، رنگ الاهي، ، محبت جي ميخ، سپ ۾ سبحان ، حق جي طلب ۽ فنا جي مقام جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ٻيل فقير پنهنجي ڪلام کي فڪري حوالي سان ابي عربي جي ڏنل فڪر هيٺ حقيقت جي رمزن کي بيان ڪيو آهي ته فني لحاظ کان سندس ڪلام جو بيان وري سنڌ جي نج ڪلاسيڪي رنگ ۾ رنگيل آهي. سندس ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو ۽ ڪلام ۾ جيڪا عارفاڻي ٻولي استعمال ٿيل آهي، اها ڪلام ۾ بيان جي قوت جي ساک پري ٿي. ٻيل فقير جيتري توجهه ڪلام ۾ فڪر تي ڏني آهي اوتري توجهه فني حوالي سان ڪلام تي نظر نٿي اچي، انڪري سندس ڪلام ۾ ڪافين جا گهاڙيٽا تمام ٿورا ملن ٿا ۽ شاعراڻي صنعتن جواستعمال پڻ گهٽ ملي

ٿو. هيٺ سندس ڪافين جي گهاڙيٽن جا نمونا ڏجن ٿا.

هيڪوڙي ڪافي

ٽلهه : سڃڻ ريءَ ٽي سِکان، محبت ماري آهيان

بند: دل ۾ دلبر يار جا، سبق وينِي سِکان

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 8)

ڏيڍوڙي ڪافي

ٽلهه : ٻي کي ڪين سڏائن سور ، عاشق محبت ۾ مخمور

بند: اَلف اندر ۾ ڪين اجارو، اپريو سِج حقيقت وارو

ٽيا نسورو نور

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 5)

ٻيٽي ڪافي

ٽلهه : اِنهيءَ محبت واريءَ مامر، ڪيئي ڪيا درويش ديوانا

بند: جوڳي پنهنجي جان جلائن، پير اچي هن ٻڙ ۾ پائن

ڪسي ٽين قتلامر، مُڙن ڪين اُهي مردانا

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 29)

ٽيٽي ڪافي

ٽلهه : تن مارن ريءَ عمر ماندي ٽي دل مري

ماندي ٽي دل مري، ساريون ڳڻ ٽي ڳري

بند: هي جيڏن سان هيڪر وجي پنهنجي ماڳ ملان،

ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون سيئي سور سلان،

عمر اميدان آهن وطن تي واڳ وري

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 98)

ٻيل فقير جو ڪلام سنڌي ادب جو شاهڪار آهي پر افسوس جو سندس ڪلام جو ذڪر ادبي تاريخن ۾ نٿو ملي. ٻيل فقير جو ڪلام سندس حياتي ۾ ئي اوج ماٽي چُڪو هو جو سندس ڪلام پنهنجي همصر دور جي خانقاهن جي سونهن بڻيل هو ۽ پوئين دور جي بزرگن پنهنجي سماع جي محفلن ۾ پنهنجي آستاني يا خانقاهه جي راڳي فقيرن کان ڪلام ڳارايو هو. سندس ڪلام اڄ به سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ڳايو وجي ٿو، پر افسوس جو ٻيل فقير جو ڪلام عالمن ۽ محمقن جي نظر کان اوجهل رهيو آهي. ٻيل فقير وحدت الوجود واري فڪر جو ڪافيءَ ۾ اهم شاعر آهي. هم اوست جي نڪتن سان گڏوگڏ، عشق جهڙي لطيف جذبي کي پڻ دلڪش انداز ۾ بيان ڪيو اٿس ۽ پنهنجي ڪلام وسيلي انساني سماج کي پنهنجي حقيقي مالڪ ڏانهن رجوع ڪرڻ، ۽ خدا جي عظمت کي سمجهڻ جهڙا ڪيترائي نقطا بيان ڪيا اٿس. جيئن سپ صورت ۾ سبحان جي هئڻ جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته :

ٽلهه : حُسن هرجاءِ هاديءَ جو نظر ۾ نور آيوسي

بند: ڪڙا هي يار اندر چولي، گفتا عيب پيو بولي

ديدان هي دل جون کولي، عجب ديدار پايوسي

جاڏي تاڏي ڏسان جاني ، پسي سو پاڪ پيشاني

پهري آيو پوش سلطاني، جنهن جي گهور گهايوسي

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 16)

يا هڪ ٻئي ڪافي ۾ وحدت الوجود واري فڪر جا نڪتا هن ريت بيان ڪري ٿو.

ٽلهه : نظر پيو سي يار پيارو، ناچو بن آيا جي

بند: اندر تونهين ٻاهر تونهين ، هر جڳ دي وچ وسندا تونهين

پوش رنگي سِر پايا جي

ڪاڻي ساز سرود وڄائين ، ڪاڻي شريعت راهه بتائين

ڪاڻي منصور مرايا جي

احدئون آئين عبد سڏائين ، وچ بحر دي آپ چپائيس

اَپڻا پيڙهِ رايا جي

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 14)

تصوف جي راهه ۾ جيڪي صوفي هم اوست واري فڪر جي پاسي آهن تہ انهن جو رايو آهي تہ الله تعاليٰ سڀ کان پهرين يعنيٰ ڪائنات خلقڻ کان پڻ اڳ ۾ خاتم النبيءَ جو نور پيدا ڪيو هو ۽ پوءِ ڪُن فيڪون چئي ڪائنات جو وجود وڌو. ان ڳالهه کي ڪيترن ئي صوفين ڳايو آهي. ٻيل فقير پڻ اهڙو اظهار ڪلام ۾ هن طرح ڪري ٿو.

نڪو سج هو نڪو چنڊ هو، نڪي ڪتيون نڪي تارا

هيو آدم ڪون بہ اڳهين، نبيءَ جو نور نوراني

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 114)

فنا صوفين جو معراج آهي. سالڪ پاڻ کي انڪري ئي فنا ڪندا آهن جو ڪين يقين هوندو آهي تہ جنهن ذات لاءِ هو پنهنجي پاڻ کي فنا ڪن ٿا، اها سندن فنا ٿيڻ کان پوءِ گڏجي ٿي. ٻيل فقير پڻ فنا جي مرحلن مان گذري معراج ماڻيو آهي جنهن جا اهجاڻ سندس ڪلام ۾ ملن ٿا. فنا في شيخ جي مقام تي مرشد کي پنهنجو رهبر سڏيو اٿس جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس. فرمائي ٿو تہ :

ٽلهه : عاشق اچن سِر سَٽون، تن من ۾ لڳي تار جن کي

بند: روئڻ ريت آهي راحت جن جي، قُرب هاديءَ جي ڪٽيون

رهبر مرشد راهه ٻيل کي، گهير لنگهايون گهٽيون

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 121)

فنا في رسول جي مقام تي پاڻ سڳورن جو فراق ڳايو اٿس ۽ وصال جي طلب جو بيان هن طرح ڪري ٿو.

ٽلهه : دلبر توکون ڏار، ڏکيا مان ڏينهن گذاريان

بند: سڏڻا ڪريان ٿي سِڪ مون، نيٺن وهايو نار

ڪوڙين ويڻي ڪانگ اڏايان

سِڪ ٻيل ڪي سيدا، سگهو مل سردار

سدا ويڻي توڪي ساريان

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 119)

فنا في الله جي مقام تي صورت سبحاني سان وصال جي منظر کي هن ريت بيان ڪري ٿو.

ٿلهه : محب مئي جي گهر آيو، ميندي مون اچي لايو

بند: سرتيون هار سينگار ڪيو، سُرهي سيج وڇايو

اڳُ ٻُيل جي عيد ٿي، پرينءَ پاڻ پسايو

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 64)

اهو فنا جو مقام انهن کي ئي نصيب ٿئي ٿو جيڪي جيئري پنهنجي ذات کي ختم ڪري ظاهر کي باطن جي تار سان جوڙن ٿا.جنهن جو بيان هن ريت ڪيو اٿس .

ٿلهه : سِڪ رمز جيتي مرجاوڻ دي، ناهي حاجت هنر هلاوڻ دي

بند: علم عقل نو عشق نہ منيندا، جان جان هستي دا جان پيندا

چوڙ تڪيا انهيءَ خاڪي تن دا، نيت نہ رک ول آوڻ دي

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 13)

جيڪڏهن سالڪ پاڻ کي فنا نٿو ڪري تہ هن جو جيئڻ ئي اجايو آهي. جهڙي ريت دنيا ۾ خالي آيو هو تهڙي ريت خالي ويندو. ٻيل فقير سالڪن کي تلقين ڪري ٿو تہ هن دنيا ۾ اچڻ جي سبب کي سجايو ڪرڻ گهرجي ۽ حياتي کي وڃائڻ بدران ڪجهه ڪمائڻ گهرجي،جيئن بارگاهه الاهي ۾ ڪنڌ ڪٽڻ جهڙو ٿي سگهي، جنهن جو اظهار ڪافيءَ جي هڪ بند۾ هن ريت ڪيو اٿس فرمائي ٿو تہ :

جهڙو آئين تهڙو ويندين، موڳا من نہ منائين تون

ڪر ڪا ڪمائي يا پنهنجي جي، ويڻي وکر وڃائين تون

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 101)

صوفين جو رايو آهي تہ " خدا ۽ درويش جي وچ ۾ هڪڙو راز اهڙو ٻہ آهي جو جبرئيل امين ٻہ اتي طلب سان پهچي نٿو سگهي."(7) يعني حقيقت جا راز ان دل تي پڌرا ٿين ٿا، جنهن دل جي ڏرتيءَ تي عشق جو ٻوٽو نِسري ٿو، چو تہ ڪائنات جي ڌهڻ واري سببن مان هڪ سبب عشق ٻہ آهي جو حضرت عشق پنهنجي پاڻ کي پسڻ کان پوءِ ڪيو. سيني

صوفين عشق کي ڳايو آهي، پر عثمان فقير سانگي کان پوءِ سنڌي کافين ۾ برهه جي باهه ۽ عشق کي ٻيل فقير گهٽو ڳايو آهي، ۽ عشق جي انيڪ رمزن کي پُرجوش انداز ۾ بيان ڪيو آهي.ڪٽي عشق کي اوکو سڏيو اٿس ته ڪٽي عشق اڻانگو سڏي ٿو. مطلب ته عشق جا ڪيترائي پهلوءَ سندس ڪلام جي سونهن بڻيل آهن. ٻيل فقير ته عشق کي وحدت تائين رسائي حاصل ڪرڻ جو بنيادي ڏاڪو سمجهي ٿو ۽ برهه جي باهه کي عشق جي پرکا ڄاڻائي ٿو.يعني حضرت عشق سندس ڪلام جو بنياد آهي ۽ اها حقيقت آهي، جنهن عشق کي سمجهيو تن ئي معرفت جو مقام ماڻيو.جيئن هن ڪافي ۾ فرمائي ٿو ته ان عشق جي سبب ئي نور حق جا تجلا پسيم.جنهن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته :

سِر ميري جڏهن عشق آيا، ويکيم تجلا نور حق

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 77)

ٻيل سائين فرمائي ٿو ته اهو عشق اهڙو ته اوکو آهي جو سولائي سان سمجهه نٿو اچي، ڪو مڙس ئي هن آڙاهه ۾ گهڙي ٿو،۽ درد کان سواءِ ان عشق جي اُلٽي چالي کي نٿو سمجهي سگهجي.جيئن ڪافي ۾ هن ريت ڪري ٿو ته:

ٽلهه : درد بنا ٻيو سمجهي ڪير، اُلٽي بازي عشق جي آهي

بند: باهه برهه جي ڏي ڏي تي پڙکا، مچ ۾ گهڙي ڪو مرد مٽير

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 5)

ٻيل فقير انڪري عشق کي آفت سڏيو آهي ۽ هي راند مر ملهائڻ واري راند آهي. جيئن فرمائي ٿو ته:

ٽلهه : اوک عشق اديون آفات آهي

هيءَ راند رڻ مون مري ڪوملهائي

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 17)

جيڪي سالڪ مري ملهائڻ واري فلسفي کي سمجهن ٿا ۽ سر جو سانگو نٿا ڪن ته عشق پڻ انهن کي ئي عطا ٿئي ٿو ۽ عشق ئي انهن جو امام ٿئي ٿو، جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس.

ٽلهه : عشق سندس آڙاهه ۾ عاشق، جيئري جان جلائن ٿا

بند: اڏيءَ عيد انهن جي آهي، جيڪي ڪُپا ڪنڌ ڪپائن ٿا

عشق ٻيل ٿي امام انهن جو، جيڪي سجدي سيس نوائين ٿا

(ٻيل فقير جو رسالو _ ص 3)

عشق جي وات تي هلڻ لاءِ پهرين سالڪ کي گهرجي ته پاڻ کي سڃاڻڻ ڪري. جيئن ٻيل سائين فرمائي ٿو ته هي دنيا فاني آهي جنهن ۾ انسان جو جنم هڪ پيرو ئي ٿئي ٿو ۽ ڪيس ٻيهر موقعو نٿو ملي انڪري سالڪ کي گهرجي ته وقت نه وڃائي،۽ حرص ڇڏي دل ۾ حبيب جي حُب رکي." جيڪو پرهيز گاري جي وات اختيار ڪندو الله تعالي ان لاءِ

هڪ ڳٽو ناهيندو جتان ڪيس وهم ۽ گمان ۾ نہ هوندو.حياتي جي بقا واسطي دنيا جي طلب جي ڪا ضرورت ڪو نہ پوندي."(8) جيڪي غفلت جي ڪُن مان ٻاهرنڪرن ٿا تہ اهي ئي جام

ڪوثر پيئن ٿا. جنهن جو اطحار سندس ڪافيءَ ۾ هن ريت ملي ٿو.

ٽلهہ : هميشہ يار جي حُب رک، ڇڏي ڏي حرص حيراني

بند: وڃائج وقت نہ ويهي، اُٿي تون جاڳ پرڏيهي

هتئون هليا ويا ڪيئي، سڪندر شاهہ سلطاني

پچن ٿا پنڌ جي پرجا، سانگا تن ڪي ناهن سرجا

پيئن ٿا جام ڪوثر جا، لنگهي ٽيا لعل لاثاني

(ٻيدل فقير جو رسالو _ ص 17)

اهو عشق حقيقي ٻہ تڏهن نصيب ٿئي ٿو جڏهن طالب پنهنجي مطلوب جي تند تنواري ٿو. يعني الف جو ورد ڪري ٿو، جيڪو اهو ورد ڪري ٿو اهو ڪڏهن ٻہ پٽڪي نٿو.ٻيدل فقير جي ڪيترين ئي ڪافين ۾ الف جو بيان ملي ٿو، جنهن مان ڀالهہ جي تصديق ٿئي تہ الف جي واٽ سڏو منزل تي رسائي ٿي، جيئن پاڻ فرمائن ٿا تہ :

الف آهي جنهن ڪي اندر ۾ ، ٻئي نہ لڏندا لام

(ٻيدل فقير جو رسالو _ ص 14)

الف اسان نون يار پڙهايا، لام ڏي مول نہ لڏيان يار

(ٻيدل فقير جو رسالو _ ص 19)

درد وارا تان دفتر کولي، سِڪ جا سبق پڙهائي ٿو

الف ڪيا آواز اندر ۾ ، ٻوليو يار ٻڌائي ٿو

(ٻيدل فقير جو رسالو _ ص 21)

ڦوڪي باهہ برهہ جي ٻارن، ورق وحدت جو ڪين وسارن

وحدت منجهہ وريام، الف سان اورتن يار يگانا

(ٻيدل فقير جو رسالو _ ص 29)

تصوف ۾ الف جو وڏو مقام آهي ڇو تہ احد ٻہ الف سان آهي تہ احمد پڻ الف سان آهي، جيڪي غافل آهن اهي وري ان پاسي وجن ئي نٿا چاڪاڻ غفلت ان ڪوهيڙي مثل آهي جو ان جي ڏنڌ ۾ سپ ڪجهہ اکين اڳيان هوندي ٻہ اوجهل رهي ٿو،۽ جڏهن سالڪ غفلت مان سجاڳ ٿئي ٿو تہ تڏهن ئي هو پاڻ سجاڻڻ واري واٽ ونڍي ٿو، ۽ پاڻ سجاڻڻ کان

پوءِ ئي الف کي سجاڻڻ لائق ٿئي ٿو. صوفين پاڻ سجاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي ، چاڪاڻ جن پاڻ سجاتو تن رب سجاتو. بيدل فقير پڻ پاڻ سجاڻڻ جي تلقين ڪندي نظر اچي ٿو، ۽ پاڻ سجاڻڻ واري واٽ ونڻ جو گس هن ريت ٻڌائي ٿو ته:

ٽلهه : چڏي دنيا کي بي سر ٿيءُ، دري دل واري کولي

بند: سجاڻج سر هيءُ سارو، لاهي چڏ مرد مونجهارو

وسائج ديس دل وارو، لهي وڻ لعل کي ڳولي

دنيا جي چوڙ تون دعويٰ ، پيجي چڏ غير جا ڪاوا

اڳيون چوندءِ سچڻ وهواهه، سونهين منجهه پاڪ جي ٽولي

(بيدل فقير جو رسالو _ ص 8)

بيدل فقير سالڪن کي ٻڌائي ٿو ته جيڪي دنيا کان بي نياز ٿي دل جي دري کولن ٿا اهي ئي لعل لهن ٿا.

صوفين خودیءَ کي رد ڪيو آهي، ۽ سلوڪ جي راهه ۾ خودیءَ کي سالڪ جو وڏو دشمن سڏيو آهي، چو ته خودي ئي اهڙو احساس آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي هئڻ جو احساس ڏيارينڊو آهي ۽ صوفي خودیءَ کي ڪُل ۽ جُز جي وچ ۾رندڪ سمجهن ٿا. وحدت الوجود جي فڪر جو مقصد ئي جُز کي ڪُل سان ملائڻ آهي ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن سالڪ پاڻ کي فنا ڪندو. سلوڪ جي ابتدائي مشق ۾ فنا جو مطلب آهي" ماڻهو جي وجود ۾ جيڪي حرڪات وسڪنات آهن انهن کان چوٽڪارو لهڻ."(9)بيدل پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو ته اها خودیءَ رڳو عاشق ئي ختم ڪري سگهن ٿا جو اهي ٻيائي کي ٻوڙي، فرق ميٽي پاڻ کي ان فڪر ۾ فنا ڪري چڏين ٿا جنهن جو سهڻو مثال هن ڪافي ۾ ملي ٿو.

ٽلهه : منصور ايها مام عاشق ٻاجهون ٻيو ڪير سمجهن

بند: محبت واري موج ٿا ماڻن، هر جاءِ حق جي ذات سجاڻن

پيجي دوئي وارا دام

صدقي ساهه ڪرن قرباني، فڪر انهيءَ ۾ ٽين ٿا فاني

ٻڌا اوڏوتن انجام

(بيدل فقير جو رسالو _ ص 8_9)

هرصوفي تزڪيه نفس جي ئي تلقين ڪري ٿو هو پنهنجي طالبن کي اهو ٻه چوي ٿو ته مون وٽ اچو ۽ منهنجي صحبت ۾ ويهو.مان عملي طرح اوهان جي نفس جو تزڪيه ڪندس."(10) چو ته بيدل فقير ٻه ان ڳالهه کي سمجهي ٿو ته هڻ ۽ هوڏ سان ڪنهن ٻه حقيقت جو ماڳ ناهي ماڻيو انڪري پاڻ هڪ ڪافي ۾ ان ڳالهه جي تلقين ڪري ٿو ته هوت ڏانهن هلڻ واري واٽ هيڻائي ۽ سِڪ جي آهي.جيئن ڪافي جي هن بند ۾ فرمائي ٿو ته :

هيڻو ٿي هل هوت ڏي ، خيال خودیءَ جا ڏاهي.

جوڳي هليا هن جوءِ تي، سِڪ جا سندا ساهي

(بيدل فقير جو رسالو _ ص 28)

هن تحقيقي مقالي مان بيدل فقير جي شاعري بابت اهو رايو قائم ڪري سگهجي ٿو ته پاڻ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري ۾ تصوف جي فڪر جو هڪ پڪو پختو شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ آفاقي فڪر ملي ٿو. بيدل فقير تصوف جي مختلف ڏاڪن،منزلن جهڙوڪ وحدت الوجود، عشق حقيقي، فنا، بقا،معرفت حقيقت ۽ باطن واري سفر کي پنهنجي مقامي بولي ۾ سليس انداز ۾ سادگي سان اهڙي ريت بيان ڪيو آهي جو ڪلام پڙندڙ جي دل تي گهر اثر ڇڏي ٿو خاص طور تي ان سالڪ کي جيڪو حقيقت جي راهه جو پانڌئيڙو آهي.بيدل فقير ظاهري علم ۾ اڻ پڙهيل هو پر سندس مشاهدن واري مسافت ان منزل تي رسايو جتي باطن ۾ علم عطا ٿيندو آهي ۽ ان باطني علم جي آڏار تي هو ظاهري علم جا پهلو بہ پروڙي ٿو وڃي. بيدل فقير جو ڪلام رڳو ڪافين جو مجموعو ناهي پر انهن روحاني مشاهدن جو دستاويز آهي جيڪي ڪيس معرفت وسيلي ماڻيا آهن. سمورو ڪلام ۾ فنا في شيخ، فنا في الله ۽ بقا الله تائين رسائي جو گس ڏئي ٿو ۽ وحدت جي وادي تائين وڃي ٿو.

حوالا.

1. مگڻيجو، صوفي غلام مصطفي."سوجهي لڌوسبحان"غالب پبليڪيشن، ڪوٽڙي.چاپو پهريون.سال2024ع.ص:16.
2. سميجو،آزاد.ترجمو"منهاج العابدين " روشني پبليڪيشن چاپو ٻيون سال 2017ع.ص:34
3. مولوي حافظ محمد رمضان" منهاج المعرفت " انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌيونيورسٽي،جامشورو.چاپو پهريون،سال 2009ع ص51
4. عبد،عبدالجبار. ترجمو " تصوف جي تاريخ " سنڌيڪا پبليڪيشن،ڪراچي.چاپو پهريون،سال 2005ع.ص:48.
5. راجاڻي، آنندرام طوطلداس، " بيدل فقير جو رسالو" جيڪب آباد، چاپو پهريون، سال1941ع.ص:4 _5.
6. راجاڻي، آنندرام طوطلداس، " بيدل فقير جو رسالو" جيڪب آباد، چاپو پهريون، سال1941ع.ص:10.
7. منهاج المعرفت. ص:191
8. منهاج العابدين. ص:62
9. منهاج المعرفت. ص:146
10. تصوف جي تاريخ. ص: 23